SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2003

# SINDH ACT NO.IV OF 2003

# سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003

# THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن
Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri

4. سزا
Punishment

5. دائره اختيار
Cognizance

6. ضمانت
Indemnity

7. **قاعدا**

Rules

8. **منسوخي**

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2003

# SINDH ACT NO.IV OF 2003

## سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003

## THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003

[23 آڪٽوبر 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت،

(b) ”زمين“ جنهن ۾ شامل آهي پاڻي هيٺ زمين يا زمين جي

ذيلي زمين؛ ۽

(c) ”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

**ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن**

**Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri**

3. حڪومت جي اڳواٽ منظوري ڪانسواءِ ڪو بہ شخص ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪنهن زمين منجهان کوٽائي يا ٻئي طريقي نہ ڪڍندو:

بشرطيڪ ڪا بہ منظوري نہ ڏني ويندي، جيڪا ٽوپوگرافي، آرڪيالاجي، ايڪالاجي ۽ علائقي جي ماحول تي اثرانداز نہ ٿئي.

**سزا**

**Punishment**

4. جيڪو بہ هن ايڪٽ جي گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو اهو اهڙي ڀڃڪڙي تي سزا لائق هوندو:

(a) پهرين ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ، جيڪو ڏهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو؛ ۽

(b) لڳاتار ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهہ هزار رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

**دائره اختيار**

**Cognizance**

5.ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڏوهہ تي دائره اختيار حاصل نہ هوندو، سواءِ ان جي تہ حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪو آفيسر لکت ۾ شڪايت نہ ڪري.

**ضمانت**

**Indemnity**

6.هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن بہ شخص خلاف ڪو مقدمو، ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ٿي سگهندي.

**قاعدا**

7.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ ڇپرائي ذريعي هن ايڪٽ

| | |
|---|---|
| جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي. | Rules |
| 8. سنڌ (ڪنهن زمين مان ريتي (واري) بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** | |